SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 1997

# SINDH ORDINANCE NO. XI OF 1997

# سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1997

# THE SINDH ARID ZONE DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sind Act 11 of 1985

3. 1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act II of 1985

4. 1985 جي سنڌ II جي نئين دفعہ 13_A جي داخلا
Insertion of new section 13_A in Sindh Act II of 1985

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 1997
# SINDH ORDINANCE NO. XI OF 1997
# سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1997
# THE SINDH ARID ZONE DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

[17 مئي، 1997]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ايرڊ زون ڊولپمنٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1985 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جڏهن تہ سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1985 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن طريقي سان ان ڪانپوءِ ظاهر ٿئي ٿو.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1997 چيو ويندو.<br>(2) هيءُ جلد لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1985 ۾، دفعه 2 ۾، ان کانپوءِ جاڙايل ايڪٽ جو حوالو ڏنو ويو آهي-<br>(i) شق (i) ۾ سيمي ڪولن کان پهريان "۽ وائيس چيئرمين" جا الفاظ شامل ڪيا ويندا؛<br>(ii) شق (m) کانپوءِ، هيٺ ڄاڻايل نئين شق جو واڌارو ڪيو ويندو:-<br>"(n) "وائيس چيئرمين" مان مراد اٿارٽيءَ جو وائيس چيئرمين آهي." | 1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعه 2 جي ترميم<br>Amendment of Section 2 of Sind Act 11 of 1985 |
| 3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعه 5 ۾-<br>(i) ڄاڻايل ذيلي دفعه (1) ۾ لفظ "چيئرمين" ۽ لفظ "۽" ڪاما ۽ لفظن جي وچ ۾، هڪ وائيس چيئرمين جو صوبائي اسيمبلي جو ميمبر هوندو، داخل ڪيو ويندو؛<br>(ii) ڄاڻايل دفعه (1) کانپوءِ، هيٺيون نئين ذيلي دفعه داخل ڪئي ويندي:-<br>"(1-A) وائيس چيئرمين جي آفيس ڪل وقتي آفيس نه هوندي، جنهن جو معاوضو پگهار يا فيس جي حساب سان ڏنو ويندو آهي." | 1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعه 5 جي ترميم<br>Amendment of Section 5 of Sindh Act II of 1985 |
| 4. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 13 کانپوءِ، هيٺ ڄاڻايل نئين دفعه داخل ڪئي ويندي:- | 1985 جي سنڌ II جي نئين دفعه 13-A |

| | |
|---|---|
| ”13_A. وائيس چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم. وائيس چيئرمين اهڙيون ذميواريون ادا ڪندو ۽ اهڙو ڪم سرنجام ڏيندو جيڪو ان کي چيئرمين ڏيندو.“ | جي داخلا Insertion of new section 13_A in Sindh Act II of 1985 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**